


# سنڌ جي جهنگلي جيوت

## اميدون ۽ رجحان

Fact Sheet (007.09.01)

سنڌ ۾ جاگرافيائي ۽ ماحولي گوناگونيت هجڻ سبب مختلف قسمن جا ماڳ، ماحولي سرشتا ۽ ڪيترن منفرد جنسن جي جهنگلي جيوت وجود ۾ آئي آهي. سنڌ جي مکيہ ماحولي سرشتن ۾، ساحلي ۽ ساموندي ماحولي سرشتا، ٻيلا (تمري، دريائي ۽ ريجي وٽڪار)، تازي ۽ کاري پاڻيءَ جا ويٽلئنڊ / ڍنڍون، مکيہ دريائي وهڪرو، رڻ پٽ ۽ آبپاشيءَ واريون زمينون شامل آهن.

سنڌ جي ساحلي ماحولي سرشتن ۾ انڊس ڊيلٽا، سنڌو درياءَ ۽ ان سان لاڳاپيل هيٺاهين انڊس بئسن / سنڌو ماٿر ۾ موجود ويٽ لئنڊن کي پاڪستان جا حساس ماحولي سرشتا قرار ڏنو ويو آهي.




سنڌ جي جهنگلي گوناگونيت ۾ 80 جنسن جا ٿڻائتا جانور (Mammals)، (جن ۾ 45 ننڍا ۽ 35 وڏا ٿڻائتا جانور شامل آهن)، 414 جنسن ڪان بہ مٿي پکي، رڙهندڙن (Reptiles) جون 110 جنسون ۽ چئن جنسن جا جل ٿل واسي (Amphibians) ٿين ٿا.

| Type | Species | Order | Family | Status |
|---|---|---|---|---|
| Large Mammals | 35 | 5 | 16 | 2 Endangered<br>3 Vulnerable<br>2 Conservation dependant<br>4 Near Threatened<br>3 Data deficient |
| Small Mammals | 45 | 4 | 10 | 1 Endangered<br>1 Vulnerable |

Source: Ghalib et al. 2004. Current Status of Mammals of Sindh. J. Nat. Hist. Wildl. Vol.3 (i) : 1-5

پاڪستان جي ٻين علائقن جيان سنڌ صوبي ۾ بہ جهنگلي جيوت جو ناجائز شڪار ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن اهڙي جهنگلي جيوت، مال ۽ فصل کي نقصان پهچائي ٿي تہ انکي بيدرديءَ سان ماريو وڃي ٿو، بازن رستي شڪار ڪيو وڃي ٿو، ناجائز طور تي گهرن ۾ پاليو ۽ طبي ۽ آرائشي مقصدن لاءِ ڦاسايو ۽ ماريو وڃي ٿو.

## ٿڻائتا جانور



© Waseem / WWF Pakistan

سنڌ جي ڪجهہ اهم ٿڻائتن جانورن ۾ سرهہ (Sindh Ibex)، گڊ (Urial)، هرڻ (Chinkara)، ڪارو هرڻ (Black Buck)، ڦاڙهو (Hog Deer)، روجهہ (Blue Bull)، گورخر (Indian Wild Ass)، چراخ (Hyena)، بگهڙ (Wolf)، لومڙ (Fox)، سياه گوش ٻلو / هرولو (Caracal)، جهنگ ٻلو (Jungle Cat)، مڇي خور ٻلو (Fishing Cat)، مشڪ ٻلو ، ڳورپٽ (Honey Badger)، چلا مرون (Pangolin)، ٻلهڻ (Dolphin)، (Civet) لڌڙو (Otter) ۽ ميوي خور چمڙو (Flying Fox) اچي وڃن ٿا.


جڏهن تہ، سنڌ جي عام جهنگلي جيوت ۾ ڦاڙهو، هرڻ ۽ ڪارو هرڻ شامل آهن. ڦاڙهو، ڪنهن دور ۾ دريائي ٻيلن ۽ ڍڍڻ وارن هنڌن تي جام ٿيندو هو پر هاڻ ان جو نسل خطري جي حد تائين گهٽجي ويو آهي. ان جو مکيہ سبب هن هرڻ جي ماڳن کي سنڌو درياءَ جو نہ پائڻ آهي. جڏهن تہ، عام هرڻ، ڪارو هرڻ، سرهہ ۽ گڊ جون جنسون بہ غير قانوني شڪار ۽ ماڳن / جوئن تي قبضن سبب تيزيءَ سان ختم ٿي رهيون آهن.



© EDRC / WWF Pakistan

سنڌو درياءَ ۾ ٽيندڙ ٻلھڻ (Dolphin) نہ رڳو پنھنجي ڪٽنب جي لحاظ کان دنيا جي ھڪ نرالي ۽ اڻلڀ جيوت سمجھي وڃي ٿي پر اھا رڳو سنڌوءَ ۾ ئي ٿئي ٿي. انھن جو بہ ھاڻ پنھنجي قدرتي ماڳ ۾ رڳو ننڍڙو تعداد سنڌوءَ جي ھيٺاھين حصي ۾ باقي بچيو آھي. سنڌو درياءَ تي اڏجندڙ آبپاشيءَ جو ڄار، مڇي مارڻ جا ھاڃيڪار طريقا، ٻلھڻ جي ماڳن ويجھو زرعي ڪيميائي دوائن جي استعمال ۽ پاڻيءَ جي غلاظت سبب ٻلھڻين جو رھيل انگ بہ خطري ۾ آھي.

## رڙھندڙ جل ٿل واسي



© IFAP / WWF Pakistan

سنڌ جي اھم رڙھندڙ جانورن ۾ واڳون (Crocodiles)، سيسر (Gharials)، ڪاريھر (Cobra) ۽ ارڙ (Python) آھي. جڏھن تہ، سنڌ جي ويٽلئنڊبن / ڍنڍن ۾ تازي پاڻيءَ جي ڪمي جام ٿئي ٿي. پاڪستان ۾، سنڌ جي ساحل سان مڪيہ آبي ٿڻائتن جانورن ۾، وَيسرن / مانگرن (Whales) جون پنج جنسون، ھڪ ٻرون (Porpoise) ۽ پنجن قسمن جون ٻلھڻيون (Dolphins) ٿين ٿيون. ڪراچيءَ جو سئنڊس پٽ وارو سامونڊي ڪنارو ناپيد ٿيندڙ سبزڪميءَ (Green Turtle) ۽ زيتوني ڪميءَ (Olive Ridely Turtle) جي پيدائش جو ھڪ اھم ماڳ آھي



© IFAP / WWF Pakistan

اھڙين مڙني جنسن جي جيوت جي انگ ۾ گھٽتائي اچڻ جو مکيہ سبب انھن جي جسم جي مختلف عضون ۽ حصن حاصل ڪرڻ لاءِ انھن جو غير قانوني شڪار ڪرڻ ۽ انھن جي ماڳن / جوئن کي ڪن ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ قبضا ڪرڻ آھي.
جنھنڪري اھڙي جيوت جي انگ ۾ گھٽتائي اچي رھي آھي. اھو ئي سبب آھي جو ھاڻ توھانکي سيسر پنھنجن قدرتي ماڳن ۾ نظر نہ ايندو. ڇاڪاڻ تہ ان جو بيدرديءَ سان شڪار ڪري ان کي ختم ڪيو ويو آھي.
نر سيسر جي رڳو سونڊ حاصل ڪرڻ لاءِ ان جو شڪار ڪيو وڃي ٿو. جو ٻانيو وڃي ٿو تہ منجھس قوت باھہ وڌائڻ جون خاصيتون موجود آھن. جڏھن تہ، مھاڻن جي ڄارن ۾ ڦاسڻ کانپوءِ ان کي ماري ڇڏڻ بہ ھڪ اھڙو ٻيو سبب آھي.

Species: 414
Orders: 18
Families: 70
Status:


- Out of 185 species of water birds of Pakistan 157 are found on the wetlands of Sindh
- 150 Resident
- 264 Migratory
- 8 Vulnerable
- 12 Near threatened
- 1 Conservation Dependent

Source: Ghalib et al. 2002. Current Status of Birds of Sindh. J.Nat.Hist.Wildl: 37-57

## پکي

سڄي سنڌو ماحولي خطو ديسي ۽ سانگي پکي، پکڻ جي گوناگونيت جي عڪاسي ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ، سنڌ نہ رڳو يوريشن، ڏکڻ ائشيا، ننڍي کنڊ، اولھہ آفريڪا يورپ پر ائشيا کنڊ جي پکين جي ڪيترن قسمن ۽ جنسن جي، لڏپلاڻ جي موسم ۾ سندن لاءِ ميزبان رھندي آئي آھي.

سنڌ پرڳڻي جا اھڙا ڪيترائي قسمين قسمين ماڳ جھڙوڪ: ساحلي علائقا، تمر جا ٻيلا، ڊيٽيءَ ۽ مٽيري علائقا، تازي ۽ کاري پاڻيءَ جون ويٽ لئنڊبون / ڍنڍيون ڍورا، گرم جھتري ٻيلا ۽ ريگستان مختلف قسمن جي پکين کي ڏاڍي ڪرڻ، سياري گذارڻ ۽ واھرڻ جون سھولتون مھيا ڪن ٿا.



©Rab Nawaz / WWF Pakistan

سنڌ ۾ ڇئن جنسن (Species) جون مقامي بدڪون ٿين ٿيون، جن ۾ 3 ٽري ڊڪس (Tree Ducks) سڏجن جيڪي آھن (Lesser Whistling Teal)، (ھراڙو Cotton Teal) (ميري جھالي Marbled Teal) جڏھن تہ ھنجر (Spotbill Duck) ماجر ۾ ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ جھنگلي جيوت جي آرڊيننس 1993 ع تحت ھن پکيءَ جي شڪار تي بندش آھي، پر تنھن ھوندي بہ ان جو غير قانوني شڪار ڪيو وڃي ٿو جنھن سبب ھن پکيءَ جو نسل خطري ۾ آھي.



©Ghulam Rasool Mughal / WWF Pakistan



© Ghulam Rasool Mughal / WWF Pakistan


ڪاري ۽ پوري تتر جي سوادي گوشت سبب انهن جو انڌاڌنڌ شڪار ڪيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سرڪار پاران تترن جي شڪار لاءِ محدود اجازت نامان ۽ انهن جي رڳو محدود انگ جي شڪار ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي. پر تنهن هوندي به شڪاري ان تي عمل ٿو ڪري. ڪارڙو(تتر)، جيت مار دوائن سبب وڏيڪ خطري ۾ آهي جو عام طور تي زرعي زمينن جي آسپاس رهي ٿو جتي زرعي جيت مار دوائون عام استعمال ڪيون وڃن ٿيون.

ڪيٽي بندر جهڙي سامونڊي علائقي سان ساحل تي ٿيندڙ پکي جهڙوڪ: ٽوبو پکي ( Oystercatcher ) ، ڪامن ومبريل ( Common Whimbrel) ۽ ريڊ شانڪ (Redshank) ڪانسواءِ ڪن قسمن جا ناياب پکي جهڙوڪ: پينٽيڊ اسٽارڪ (Painted Stork) ۽ ائڊجوٽنٽ اسٽارڪ (Adjutant Stork) پڻ ڏٺو ويو آهي. ائڊجوٽنٽ اسٽارڪ (Adjutant Stork) 1960 جي ڏهاڪي کان پاڪستان ۾ نظر ئي نه آيو آهي. انهن ڪانسواءِ ڪيترن اهڙن قسمن جا اڻ لڀ پکي جيڪي محدود ماڳن ۾ رهن ٿا ۽ انهن لاءِ سمجهيو ويندو هو ته اهي هاڻ باقي نه رهيا آهن. جڏهن ته، اهي گهٽي تعداد ۾ موجود آهن جنهن سبب ضروري سمجهيو وڃي ٿو ته پکين سميت جملي جهنگلي جيوت جي لاڳيتو سروي ٿيندي رهي.

ان جو هڪ سبب هي به آهي ته جيتوڻيڪ پلا فشنگ ايگل (Pallas's Fishing Eagle) لاءِ سدائين اهو ئي سمجهيو ويندو هو ته اهو پکي پاڪستان ۾ اڻ لڀ آهي جڏهن ته اهو پکي ڪيترن ماڳن جهڙوڪ: ڪينجهر جي الهندي ۾ ميرن جي هڪ پراڻي محل چوٽياريون رزروائر ۽ پٽي ٻيلي جي ويجهو ٻيلي ڪاٽي جي ريسٽ هائوس پرسان ڏٺو ويو آهي.

# Protected Areas in Sindh

| PA No. | PA Name |
|---|---|
| 174 | Deh Jangisar |
| 175 | Deh Khalifa |
| 176 | Dosu Forest |
| 177 | Ghamot |
| 178 | Hala |
| 179 | Indus River |
| 180 | Khipro Forest |
| 181 | Mando Dero |
| 182 | Mirpur Sakro |
| 183 | Nara |
| 184 | Pai Forest |
| 185 | Sahib Samo |
| 186 | Surjan, Sumbak, Eri and |
| 187 | Tando Mitha Khan |
| 188 | Kirthar |
| 189 | Khairpur Game Reserve |
| 190 | Khanpur |
| 191 | Pir Mahfooz Game Reserve |
| 192 | Pir Pagara Game Reserve |
| 193 | Bijoro Chach |
| 194 | Cut Munarki Chach |
| 195 | Deh Akro-II |
| 196 | Dhoung Block |
| 197 | Dograyon Lake |
| 198 | Drigh Lake |
| 199 | Ghandak Dhoro |
| 200 | Gullel Kohri |




| PA No. | PA Name |
|---|---|
| 201 | Gulsher Dhand |
| 202 | Hadero Lake |
| 203 | Haleji Lake |
| 204 | Hawks Bay/ Sandspit Beach |
| 205 | Hilaya |
| 206 | Hub Dam |
| 207 | Keti Bunder North |
| 208 | Keti Bunder South |
| 209 | Khadi |
| 210 | Khat Dhoro |
| 211 | Kinjhar (Kalri) Lake |
| 212 | Kot Dinghano |
| 213 | Lakhat |
| 214 | Langh (Lungh) Lake |
| 215 | Mahal Kohistan |
| 216 | Majiran |
| 217 | Marho Kohri |
| 218 | Miani Dhand |
| 219 | Mohahat Dero |
| 220 | Munarki |
| 221 | Nara Desert |
| 222 | Norang |
| 223 | Runn of Kutch |
| 224 | Sadnai |
| 225 | Samno Dhand |
| 226 | Shah Lanko |
| 227 | Takkar |

Legend

- Rivers
- Game Reserve
- National Park
- Unclassified
- Wildlife Sanctuary

Kilometers

50 100 200

# تحفظ جا اپاءَ

جهنگلي جيوت جي ماڳن جي مسلسل ٿيندڙ تباهي ۽ گهٽجندڙ انگ کي ذهن ۾ رکندي هن خطي ۾ جهنگلي جيوت جي بچاءُ لاءِ هڪ وسيع رٿا جوڙي وئي آهي جنهنکي ’گوناگوجيوت عملي رٿا ( Biodiversity Action Plan, 2000) سڏجي ٿو. ان هيٺ سنڌ ۾ اهڙين جملي 54 پناهہ گاهن کي سانڍيو ويندو جيڪي جملي 1,307,575 هيڪٽرن ۾ پکڙيل آهن (هڪ نئشنل پارڪ، 35 جهنگلي جيوت جون پناهہ گاهون، 14 شڪارگاهون ۽ انهن ۾ 4 اجان اهڙيون آهن جن جي درجيبندي نہ ڪئي وئي آهي).

سنڌ صوبي جي اهڙين سيني املهہ قدرتي وسيلن جو مقامي سماجي تنظيمون پڻ، لاڳاپيل سرڪاري ڪاتن جي سهڪار سان گڏجي بچاءُ ڪري رهيون آهن. سنڌ ماحولي خطي جي سانڊ جو پروگرام ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان سال 2006 ۾ سنڌ سرڪار جي سهاري سان شروع ڪيو آهي جيڪو اصل ۾ هڪ اهڙو دور انديشيءَ جو پروگرام آهي جنهن تحت نہ رڳو گوناگوجيوت جو بچاءُ تہ هيٺاهين سنڌو ماٿريءَ جي مقامي برادرين جي معاشي مسئلن کي گهٽائي ۽ سندن پيٽ گذر جي وسيلن ۾ گهڻي بهتري آڻي سگهبي. سنڌ پرڳڻي جو اٽڪل 65 سيڪڙو سنڌو ماحولي خطي ۾ اچي ٿو ۽ ان ۾ جذوي يا ڪلي سڄي صوبي جا سڀ ضلعا اچي وڃن ٿا.

سنڌو ماحولي خطي جو پهريون نافذ ٿيندڙ 6 سالہ (2006–2012) پروگرام، سنڌو سيني پروگرامن لاءِ (Indus for All Programe) سڏجي ٿو. جنهن جي مالي سهائتا پاڪستان ۾ موجود نيدرلينڊ جي سفارتخاني ڪئي آهي. هن وقت اهو پروگرام چئن اوليت وارن ماحولي سرشتن ۾ هلي ٿو جيڪي آهن: ٺٽي ضلعي جو ڪيٽي بندر ۽ ڪينجهر ڍنڍ، شهيد بينظير آباد ضلعي جي پٽي ٻيلي ۽ ضلعي سانگهڙ جو چوٽياري واريون ڍنڍيون.

سنڌو سيني پروگرامن لاءِ، جن مقصدن هيٺ ڪم ڪري ٿو ان جو هڪ مکيہ مقصد هي بہ آهي تہ مقامي برادرين جي شموليت رستي نہ رڳو سنڌو ماحولي خطي جي جهنگلي جيوت جو بچاءُ ڪري سگهجي تہ ٻين دلچسپي رکندڙن کي بہ ان ۾ ڪارائتيءَ طرح سان شامل ڪري سگهجي.

ان ڏس ۾ هي پروگرام پيش قدمي ڪندي مقامي برادرين ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي هر سطح تي صلاحيت وڌائڻ ۾ ڪوشان آهي. هن پروگرام هيٺ نباتات ۽ حيوانات لاءِ هڪ جامع ماحولياتي معيار مقرر ڪيو ويو آهي.

ان سان گڏ هن سٽاءَ هيٺ چئني ترجيحي ماحولي سرشتن جي قدرتي وسيلن جي سار سنڀال لهڻ ۽ مختلف جنسن جي جاندارن، جن جو وجود خطري ۾ آهي تن جي بحاليءَ جون رٿائون بہ جوڙيون ويون آهن.

قدرتي وسيلن جي سار سنڀال لهڻ ۽ بحاليءَ جي رٿائن جي نافذ ڪرڻ سان مقامي برادرين ۾ دلچسپي رکندڙن جي سهڪار سان اميد ڪئي وڃي ٿي تہ، سنڌ جي جهنگلي جيوت جي موجوده گهٽجندڙ انگ کي بحال ڪري سگهبو.


## انجس فار آل پروگرام

### مرڪزي آفيس

ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، ڪراچي آفيس
606 - 607، فارچون سينٽر بلاڪ 6، پي اِي سي ايچ ايس،
مين شاراع فيصل، ڪراچي.
فون: 021-4544791-2, 7012290 فيڪس 021 4544790

**چوٽياريون ويٽ لئنڊ ڪمپليڪس** (سانگهڙ)
هائوسنگ سوسائٽي گهر نمبر: 129/2
نزد گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول، شهيد بينظيرآباد . ضلعو سانگهڙ.
فون:0235-542837، فيڪس: 0235-542791

**ڪينجهر ڍنڍ** (ٺٽو)
گهر نمبر: 112-B هاشم آباد سوسائٽي، مڪلي ٺٽو.
فون: 0298-772318, 772319, 610426

**ڪيٽي بندر** (ٺٽو)
عدنان هائوس، راڻو موري اسٽاپ،
پوسٽ آفيس ڪيٽي بندر،
بذريعہ پي او ميرپور ساڪرو ضلعو ٺٽو سنڌ.
فون: 0298_620406, 619366

**پٽي ٻيلو** (شهيد بينظير آباد)
گهر نمبر: 3-A مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج
ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي،شهيد بينظيرآباد ،سنڌ
فون:0244-366364، فيڪس: 0244-282496